ناٽڪ - ۱

# سدا جيئي سنڌي



**ڪردار :**

(۱) مکي : هڪ بزرگ - نگر جو اَڳوڻو مکي

(۲) مولو : مکيءَ جي سيوا لاءِ رکيل نوڪر

(۳) شيام : اَميريڪا مان آيل سنڌي شخص

(۴) سنيل : مکيءَ جو سڪيلڏو پوٽو

(۵) رومي : شيام جي ڌيءُ

(٦) ڪملا : شيام جي ڌرمپتني (گوري ميم)

(وڏي هڪ پُراڻي جاءِ جي هڪ وڏي ڪمري جو درشيہ، هڪ ڪارنر ڪان هڪ صوفا رکيل آهي ۽ ٻيءَ ڪارنر تي هڪ سيٽي پلنگ رکيل آهي- جنهن تي هڪ بزرگ- جيڪو نگر جو اَڳُوڻو مکي هو - ويٺو آهي. ڪنگهندي پنهنجي نوڪر مولي کي سڏي ٿو)

مکي : (ڪنگهندي..) مولا.... اڙي مولا.... (رڙ ڪري) ٻڌين ٿو ڪن ٻوڙو ٿي ويو آهين؟.... (ٿوري دير بعد) اَڙي او مولا....

مولو : (پري کان آواز ڏيندي) آيس.... سائين آيس....

مکي : ڇا آيس- آيس ٿو ڪرين....

مولو : اِجهو آيس.... بس اَچان ٿو....

مکي : پر اَچين تہ ڪونہ ٿو....!

مولو : سائين توهان جو حقو ٿو تيار ڪريان.

مکي : اَڙي جيستائين حقو تيار ٿئي، تيستين ٻيڙي ئي کڻي اَچ!

مولو : اِجهو کڻي آيس سائين.

مکي : اَڙي جلدي ڪر نہ!

مولو : وٺو! سائين وٺو! هيءَ توهان جي ٻيڙي (مولو پنهنجي منهن ٻُڪندي چوي ٿو) ڇڻ تہ ساهہ ٿو نڪري وڃيس. ٻيڙي کڻي آ... حقو کڻي آ.... پيو ٿو حڪم هلائي.

مکي : مولا اِها ڇا جي پُڻ-پُڻ لڳائي ويٺو آهين؟

مولو : ڪجهہ نہ سائين! ڪجهہ نہ....

مکي : ڪجهہ نہ؟! اَڙي هاڻي اَجا تہ ڪجهہ چوين پيو....

مولو : پر سائين مان توهان جي لاءِ ٿوري پيو چوان!....

مکي : چوين ڪونہ‌پيو.... ساهہ ٿو نڪريس....

مولو : اُهو تہ سائين، مون چيو، ”منهنجو ساهہ ٿو گُهٽجي.“

مکي : ڇو؟ ٻيڙي ڇڪيان مان ۽ ساهہ تنهنجو ٿو گُهٽجي؟

مولو : پر سائين، اِن جو دونهون تہ مونکي ٿو سُنگهڻو پوي نہ....

مکي : ڇڱو- ڇڱو- وڃ، وڃي ماچيس کڻي آءُ.

مولو : ماچيس!؟

مکي : ها- ها- ماچيس کڻي اَچ.

مولو : پر صبح ئي تہ ڏنومانوَ هڪڙو ماچيس....

مکي : اَڙي نياڻا، اُهو خلاص ٿي ويو....

مولو : پوءِ پلا ايتريون ٻيڙيون ڇڪيو ڇو ٿا؟

مکي : نالائق! اِها پنهنجي بڪ بڪ بند ڪرا وڃ-وڃي ماچيس کڻي اَچ.

(پُڻ پُڻ ڪندو مولو اندر وڃي ٿو ۽ ڪجهہ سيڪنڊن کان پوءِ هڪ ماچيس کڻي واپس اَچي ٿو ۽ مکي صاحب کي عجيب نظرن سان نهاري چويس ٿو.)

مولو : (ماچيس ڏيندي) هان وٺو هيءُ نئون ماچيس!

مکي : نيڪ آ، نيڪ آ.... هاڻي وڃ هتان....

(مکي صاحب ٻيڙي دکائي ٿو- پر مولو اَجا اُتي ئي بيٺو آهي.... سوالي نگاهن سان مکيءَ ڏانهن نهاري ٿو)

مکي : اَڙي- وڃ نہ.... اجا هت ڇو بيٺو آهين؟

مولو : سائين! ٻہ رپيا ڏيو نہ....

مکي : ٻہ‌رپيا!؟ ڇا جا ٻہ رپيا؟

مولو : خرچي سائين! صبح کان نہ ورتا آهن.

مکي : پر پهريون منهنجو حقو تہ ٺاهي کڻي اَچ.

مولو : اَڙي ها...! (اوچتو ياد ڪندي) ها.... ها.... اِهو تہ مونکان وسري ويو!

مکي : باقي توکي ياد ڇا ايندو آ؟

مولو : توهان جون رڙيون ۽ واڪا....!

مکي : ڇا چيئہ نالائق!....

مولو : سچ ئي تہ چيم....

مکي : تہ ڇا مان رڙيون ڪندو آهيان.... واڪا ڪندو آهيان....

مولو : نہ سائين نہ.... توهان تہ مرلي وڄائيندا آهيو نہ....!

مکي : هل هتان نالائق.... بڪ بڪ پيو ڪرين. وڃ، وڃي منهنجو حقو تيار ڪري اَچ.

مولو : (شوخ آواز ۾) وڃان ٿو وڃان.... ٻہ رپيا بہ نٿا ڏيو.... سڄو ڏينهن بس ”مولا.... او مولا....“ سڏ بہ توهان ئي ٿا ڪريو نہ....

مکي : (رڙ ڪندي) وڃ هتان....

مولو : (طنزي آواز ۾) وڃ هتان.... (وڃي ٿو هليو)

(ٻاهرئين در تي ٺڪ ٺڪ جو آواز ٿئي ٿو)

مکي : مولا.... او مولا....

مولو : ڏٺو.... ڪيئن نه وري سڏ.... اِن ڪان ته رام جو نالو جپي هان.... تہ.... تہ.... ڪڏهوڪو.... (آسمان ڏانهن اِشارو ٿو ڪري)

مکي : اَڙي اِها پُڻ پُڻ بند ڪر. در جو آواز نٿو ٻڌين.... ڪوئي آيو آهي، وڃ وڃي در کول....

مولو : ها سائين.... ها....

(مولو در کولي ٿو، ٻاهران شياملعل اندر اَچي ٿو)

مکي : اَڙي شيام.... تون!.... اَچ-اَچ....

شيام : (پيرين پوندي) بابا.... پيري ٿو پوان.... آسيس ڪريو....

مکي : جُڳُ جُڳُ جيءُ! سدائين خوش هجين! وڏي حياتي ماڻين!

شيام : ڪيئن آهيو بابا؟ طبيعت ڪيئن اَٿو؟

مکي : بس پٽ.... مڙئي جيئون پيا.

شيام : ڇو بابا! اِئين ڇو پيا چئو؟

مکي : ڇا ٻڌايئن.... پٽ شيام! (دکي آواز ۾) هڪ ته هن ٻڍاپي تنگ ڪيو آهي.... ۽ ٻيو.... ٻيو ته تنهنجو پتا.... جيڪو هڪ ئي منهنجو سڀ کان پراڻو ۽ دلبر دوست هو.... اُهو بہ اَڪيلو ڇڏي ويو....

شيام : بابا....

مکي : پر تون ٻڌاءِ.... پنهنجو حال اَحوال.... اَميريڪا مان ڪڏهن آئين؟

شيام : ڪالهه شام جو ئي آياسين بابا.

مکي : تہ ڇا.... توسان گڏ تنهنجو پريوار....؟ (شيام اَڌ ۾ ئي ڪٽيندي ڇوي ٿو)

شيام : ها.... بابا منهنجي ڌرمپتني ۽ منهنجي سڪيلڌي ڌيءُ رومي پڻ مونسان گڏ آيون آهن.

مکي : ڪٿي آهن اُهي؟.... اُنهن کي پڻ وٺي اَچين هان؟

شيام : ها بابا.... هو خود توهان سان ملڻ ايندين.

مکي : ڇا چيئہ؟

شيام : ها بابا.... هوءُ جلد ئي تيار ٿي توهان وٽ اَچن ٿيون.

مکي : پر پٽ! هو تہ آهن اَنگريزي ميمَ! ڇا منهنجي ٻولي ”سنڌي ٻولي“ سمجهنديون؟

شيام : ها بابا! سمجهنديون بہ ۽ ڳالهائينديون بہ!

مولو : (عجب ۾) ڇا ڳالهه ٿا ڪريو سائين!

مکي : (سوالي ۽ طنزي نگاهن سان) تہ ڇا، هندستان مان سنڌي اِسڪول بند ٿي، آمريڪا ۾ کليا آهن ڇا؟

شيام : نہ بابا نہ.... اَهڙي ڳالهه نہ آهي.

مکي : ڪيئن نہ آهي پٽ؟ ڇو جو اَڄ ڪالهه هتان جا ماڻهو، اَنگريزيءَ ۾ پيا ٿا گٽ-مٽ ڪن ۽ آمريڪا جا ماڻهو سنڌي ٻولي پيا ٻولن!؟

شيام : بابا.... اِها سڄي ڳالهه رومي پاڻ اَچي توهان کي ٻڌائيندي. ڇڱو بابا.... مان هينئر هلان ٿو.

مکي : پر پٽ ويهه تہ سهين.... (مولي کي رڙ ڪندي) اَڙي نياڳا مولا.... هيئن بيٺو آهين.... ڏسين ڪونہ پيو تہ گهر مهمان آيو آهي....

مولو : ڏسان پيو سائين.... ڏسان پيو....

مکي : تہ پوءِ وڃ نہ.... مهمان لاءِ پاپڙ پاٽي تہ آڻ....

شيام : نہ بابا.... اِن جي ڪا تڪليف نہ ڪريو.... مونکي ٻين سين سان بہ ملڻو آهي.... پوءِ وري ايندس.

مکي : پر پٽ.... هيتري وقت ڪانپوءِ آيو آهين! ويهہ.... ڪجهہ جل پان تہ ڪر....

شيام : نہ بابا.... هينئر نہ.... مان وري جلد ئي توهان وٽ اَچان ٿو.... ڇڱو.... جئہ جهوليلعل.

مکي : جئہ جهوليلعل.... سدائين خوش هجين پٽ....

(ٿورو ترسي)

مکي : مولا.... او مولا....

مولو : ڇئو سائين.... وري ڇو سڏ ڪيوَ؟

مکي : اَڙي بيوقوف.... شيام کي ڏسي مَتِ کسجي ويئہ ڇا؟

مولو : نہ سائين.... بلڪل نہ....

مکي : ڏٺئہ ڪونہ.... مهمان گهر ۾ آيو هو.... ڪو پاپڙ پاٽي ڪٽي اَچبو آ.

مولو : پر سائين.... توهان جي ئي تہ منع ڪيل آهي نہ....

مکي : پر مان توکي سيني لاءِ ٿوري ئي منع ڪئي آهي؟

مولو : تہ پوءِ هڪ لسٽ ڇو نہ ٿا ٺاهي ڏيئي ڇڏيو.... تہ ڪنهن جي لاءِ....

مکي : (ڳالهه اَڌ ۾ ڪٽيندي) بند ڪر پنهنجي اِها بڪ بڪ....

مولو : سائين.... هي گورو اَنگريز ڪير هو؟

مکي : هي شيام آهي....

مولو : پر مون تہ اَڳي هن کي ڪڏهن نہ ڏٺو آهي!

مکي : ڏسندين وري ڪٿان؟

مولو : ڇو.... ڪو منسٽر آهي ڇا!؟
مکي : نہ.... منهنجي دلبر دوست ليلارام جو سپٽر آهي.
مولو : سائين ليلارام جو....!
مکي : ها.... منهنجي دلبر جو پٽ آهي.
مولو : هوُ.... جيڪي توهان سان گڏ ”سنڌو لئبرري“ سنڀاليندا هئا. جن جو سال کن اَڳ ئي....
مکي : ها.... ها.... اُهو ئي ليلارام.... هيءُ شيام اُن جو سڪيلڊو پٽ آهي. ڪيترن ئي سالن کان آمريڪا ۾ رهندو آهي- ويو هو پڙهائي ڪرڻ پر پوءِ سدائين لاءِ اُتي ئي وسجي ويو. اُتان جي ئي هڪ گوري ميم سان شادي ڪري ڇڏيائين.... هاڻي هڪ اَنگريزي ڌيءُ بہ اَٿس.
مولو : پر سائين پنهنجي پتا جي گذرڻ تي تہ ڪونہ آيو؟
مکي : اَڙي مولا.... هڪ دفعو نہ جيڪو ولائت وڃي ٿو.... سو اُتان جي چمڪ -ڌمڪ تي ايترو تہ موهت ٿي پوي ٿو، جو پنهنجا.... پراوا.... سڀ وسريو وڃنس.
مولو : سائين.... اَهڙو ڪو تہ جادو هوندو نہ اُتي؟
مکي : ڇڱو وڃ.... ۽ وڃي منهنجي لاءِ حقو تيار ڪري ڪٺي اَچ.
مولو : ڇوا؟.... هاڻي اَچا جو بيڙي ڏنيمانوَ....!
مکي : اَڙي اُها تہ اِئين ئي پوري ٿي ويئي.... ڳالهين-ڳالهين ۾ لڳي ئي ڪونہ....
(ايٽري ۾ هڪ نؤجوان ڇوڪرو، تکڙو اَندر اَچي ٿو ۽ اَنگريزي اِسٽائيل ۾ اَچي- مکي صاحب سان هٿ ٿو ملائي)
سنيل : هيلو! باب!.... هائو آر يوٌ؟....
مکي : آيو آهين اَنگريز جي اؤلاد.... بابا کي ڇوي باب.... اَصُل....
سنيل : ڏسو باب.... هڪ تہ توهان سان ملڻ اچان.... مٿان وري توهان مونکي هيئن پيا ڳالهايو!؟....
(مولو اندران حقو کڻي اَچي ٿو)
مولو : (مکيءَ کي حقو ڏيندي) وٺو سائين توهان جو حقو.
سنيل : او.... هاءِ ڊيئر مولا....!
مولو : (طنز مان)هاءِ.... هاءِ....
مکي : ڏٺوَ.... هڪڙو هو آمريڪا جو جوان آيو.... ۽.... اَچي پيري پيو.... ۽ .... هڪڙو هيءُ.... هاءِ-هاءِ پيو ٿو ڪري.... ”ڪوئي لڏي هيڊ ڳڙي، ڇي آنءُ پساري.“
سنيل : ان ۾ ڇا ٿي پيو باب.... اَسان کي بہ تہ ترقي ڪرڻي آهي نہ! جنهن ڪري اَسان کي اَنگريزي ٻولي ۽ اَنگريزي هلت تہ سکڻي ئي پوندي نہ!؟
مکي : ڇو؟ اِهو توهان کي ڪنهن سيکاريو تہ، ترقي ڪرڻ لاءِ اَنگريزي سکڻي ئي پوندي؟
سنيل : ڏسو باب! دنيا جي سڀني ملڪن ۾ اَنگريزيءَ جو ئي واهپو وڌيڪ آهي.... ۽.... مونکي وڻٽو آهي آمريڪا.
مکي : هو شيام آيو اَتئي آمريڪا مان.... ۽ اُهو بلڪل سنڌيءَ ۾ پيو ڳالهائي. تہ ڇا هن ترقي نہ ڪئي آهي؟
سنيل : شيام؟.... هوُ اِز دِس شيام؟
مکي : منهنجي دلبر دوست ليلارام جو پٽ شيام.... اَڄ هيترن سالن کانپوءِ آمريڪا مان موٽيو آهي- تہ بہ پارتيہ سڀيتا هن کان نہ وسري آهي.
سنيل : ڇو؟ اَهڙو هن ڇا ڪيو آهي؟
مکي : جيئن ئي هو مون وٽ آيو، اَچڻ شرط ئي جهڪي ڪري پيري پيو....
سنيل : تہ اِن ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهہ ٿي....؟
مکي : وڏي ڳالهہ ٿو ڪرين.... اَڙي هن سان گڏ هن جي ڌيءُ ۽ هن جي زال پڻ آيون آهن.... جيڪي ڄايون ۽ پَليون آمريڪا ۾ آهن....
سنيل : آمريڪا۾ ڄايون.... ۽ پَليون آهن تہ آمريڪن ٿيون نہ....
مکي : اِها ئي تہ وڏي ڳالهہ آهي، جو هو اُتان جون هوندي بہ سنڌيءَ ۾ ٿيون ڳالهائن! ڇا اِها ڪا ننڍي ڳالهہ آهي؟
سنيل : (اِنگلش اِسٽائيل مارينڊي) باب.... آءِ ڪانٽ بِليو دِس.... مونکي وشواس نٿو اَچي. ڇا توهان اُنهن سان مليا آهيو؟
مکي : پٽ مان اُنهن سان مليو تہ ڪونہ آهيان.... پر شيام آيو هو.... اُن ٻڌايو.
سنيل : رهڻ ڏيو.... رهڻ ڏيو اِن ڳالهہ کي.... پاڻ تہ نکي ڪيو آهي.... اَنگريزي سڪنڊاسين ۽ آمريڪا.... بس....
مکي : اَڙي ڇورا.... ڇڏيو اِهو موهہ.... آمريڪا ۽ لنڊن جو.... ڪجهہ پنهنجي ديش لاءِ بہ سوچيو....
سنيل : (جوش ۾ اَچي وڃي ٿو) ڇا سوچيون پنهنجي ديش لاءِ؟ اَسان جي ديش اَسان کي ڏنو ئي ڇا آهي؟ صرف بکہ.... ۽.... غريبي....!
مکي : واهہ! پٽ واهہ! ”بکہ بچڙو ٿول، داناءُ ديوانا ڪري“.
سنيل : ڇا چيوَ باب؟
مکي : پٽ اِهي وڏڙن جا چيل پهاڪا آهن.... توکي هينئر آمريڪا جو اَچي ڀوت چڙهيو آهي.... سو.... تون هن جي معنيٰ نہ سمجهي سگهندين.
سنيل : توهان بہ تہ هيڏا وڏا ٿي ويا آهيو، اَڃا تائين حقي ۽ بيڙيءَ جو موهہ نٿا ڇڏيو.... ڪيترو بيمار ٿا گذاريو.... ڇڏيو ٿا اِهي ڳالهيون....
مکي : اَڄ ڪالهہ جي ڇوڪرن سان ڳالهائڻ بہ پاپ آهي، تميز تہ ڄڻ رهي ئي نہ آهي.
(در تي نڪ-نڪ جو آواز ٿئي ٿو)
مکي : (رڙ ڪندي) مولا.... او مولا....
مولو : آيس سائين.... آيس....

(اَندران پُٺ-پُٺ ڪندو اَچي ٿو) سچو ڏينهن بس.... مولا.... او مولا....
مکي : اِها ڳالهه بند ڪر.... ۽ وڃ.... وڃي دروازو کولي اَچ.... ڏس ٻاهر ڪير آيو آهي....
مولو : ڇو؟ هي سڪيلڊو اَنگريز سنيل جو ٻينو اَٿوَ....؟ اِن کي ئي ڪٽي ڇنو ها؟
مکي : اَڙي، هيءُ آهي اَڄڪلهه جو اَنگريز.... هن کي نه اِهو عقل هجي ها ته.... پاڻهي هليو وڃي ها در کولڻ.... اَڙي.... پر توکي ڇيم.... ته ڇا ٿي پيو؟
مولو : گُڻس تي ڪير رکيو اَٿم.... هارجي پوي ته....؟
(در تي وري ٺڪ ٺڪ جو آواز)
مولو : آيو پائي آيو.... اَصل ساهه ڪڍڻ به نٿا ڏيو.... (پُٺڪندو وڃي ٿو در کولڻ)
(ٻاهران هڪ گوري ڇوڪري ۽ هڪ اَنگريزي عورت اَندر اَچن ٿيون)
رومي ۽ ڪملا : (ٻئي گڏجي هڪ ئي آواز ۾) نمستي بابا!
(ڪملا بابا کي پيري پوي ٿي)
مکي : نمستي!.... جيءُ پٽ جيءُ....
رومي : بابا! مان رومي آهيان.... شياملعل تيجواڻيءَ جي ڌيءُ.... ۽ شري ليلارام جي پوٽي.... ۽ هيءَ....
مکي : (وچڙ ڪٽيندي) تنهنجي ممي آهي....؟ برابر نه؟
رومي : بلڪل صحيح بابا.... ته.... توهان اَسان کي سڃاڻي ورتو....؟
مکي : ها پٽ.... اَچو.... اَچو.... ويهو.... مولا.... ڪجهه ڇانهه - پاڻيءَ جو ته بندوبست ڪر....
مولو : اِجهو سائين.... (ٻنهي کي گهوريندو ڏسندو اَندر وڃي ٿو)
مکي : پٽ، سَويرَ شيام به گڏجڻ آيو هو.... ۽ توهان جي لاءِ ٻڌايائين.... ۽ هينئر پڻ توهان جو ئي ذڪر ٿئي پيو....
ڪملا : بابا! ڪيئن آهيو؟.... طبيعت ڪيئن اَٿوَ؟
مکي : ٻت پٽ.... مڙئي جيئان پيو....
رومي : بابا! هي ڪير آهن؟
مکي : پٽ! هيءُ سنيل آهي.... منهنجو سڪيلڊو پوٽو....
(ايتري ۾ مولو هڪ ٽِري ۾ پاڻيءَ جا پريل گلاس، پاپڙ ۽ بسڪوٽ کڻي اَچي ٿو)
(مکي مولي ڏانهن اِشارو ڪندي) ۽ هيءُ آهي مولو.... منهنجو سچو شيواڌاري....
سنيل : هاءِ رومي.... (هٿ ملائڻ لاءِ اڳتي وڌائي ٿو)
رومي : (هٿ جوڙي) نمستي! ڀاءُ سنيل!
سنيل : (ڪملا کي نمستي ڪندي) نمستي آنٽي!
ڪملا : نمستي!.... سنيل پٽ! تون ڇا ڪندو آهين؟
مکي : پٽ! اِن کان نه، مون کان پڇ، هي ڇا ڪندو آهي!
سنيل : (ٿورو غصي ۾) ڇو بابا.... ڇا ڪندو آهيان مان؟
مکي : (ٽوڪ واري اَنداز ۾) سچو ڏينهن پيو آمريڪا جا سپنا ڏسندو آهين.... (سڀ کلن ٿا)
سنيل : (ٿورو شرمائي ٿو) پر رومي.... مونکي اِهو ته ٻڌاءِ.... ته.... آمريڪا ۾ سنڌي اِسڪول آهن ڇا؟
رومي : نه ڀاءُ! بلڪل نه!
سنيل : پر تون.... ۽.... تنهنجي ممي ته شڌ سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيا آهيو....؟!
رومي : ڀاءُ اِها ڏاڍي اِنٽريسٽنگ ڳالهه آهي....
مکي : ته پوءِ جلد ٻڌاءِ اِها ڳالهه....
سنيل : جلدي اِهو رهسيه ٻڌاءِ، ته توکي سنڌي سکڻ جو ڪهڙو شونق جاڳيو؟
رومي : اِسڪول ۾ پڙهندي، هڪ ڏينهن، اَسان جي اَنگريزي ٽيچر ”اِنڊس وئلي سِولائيزيشن“ يعني ”سنڌو گهاٽيءَ جي سڀيتا“ جي ڳالهه ٻڌائي. ٽيچر مونکان، اِن باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهي.
سنيل : توکان ئي ڇو، رومي؟
ڪملا : ڇو جو روميءَ جو پپا سنڌي آهي ۽ روميءَ اِسڪول ۾ پنهنجي ڪاسٽ به سنڌي ئي لکائي آهي.
مکي : پوءِ ڇا ٿيو پٽ؟
رومي : بابا! اِن باري ۾ مونکي ته ڪابه ڄاڻ نه هئي، سو سڀ شاگرد منهنجي کل اُڏائڻ وينا.
سنيل : تنهنجي مذاق ڪيائون!
رومي : ها.... ۽ ٽيچر مونکي چيو ته، ”تون ايتري وڏي سنسڪرتيءَ جي وارث هوندي به اِن کي نٿي سڃاڻين؟“ سچ پچ مان ڏاڍو لڄي ٿي ويس.
ڪملا : ها.... ۽.... گهر اَچي روئڻ ويني....
سنيل : پنهنجي بيعزتيءَ ڪري روئڻ ويني؟
ڪملا : نه! پنهنجي سنسڪرتيءَ جو گيان نه هئڻ ڪري! هن اُن ڏينهن ئي پنهنجي پپا سان ضد ڪيو، ته مان پنهنجي سنڌو سڀيتا جي ڄاڻ حاصل ڪري ئي رهندس.
مکي : واهه پٽ واهه! پوءِ....؟

ڪملا : اَسان ويچار ڪرڻ لڳاسين، ته رومي اِها ڄاڻ ڪٿان حاصل ڪندي؟

رومي : ها.... پوءِ اَسان هت بابا کي فون ڪيوسين.... ۽ بابا مونکي اِنڊيا اَچڻ جي نينڊ ڏني. جيئن ئي وڪيشن ملي.... مان هت اِنڊيا ۾ هلي آيس.... سچو سارو مهنو بابا سان ويهي- سنڌي به سکيس- سنڌو گهاٽي، موهن جو دڙو ۽ سنڌيت جون خوب چرچائون ڪيم.

مکي : پٽ ڪملا!.... تون به....

ڪملا : ها بابا.... جيئن ئي رومي آمريڪا واپس آئي- هن ۾ ايترو بدلاءُ ڏسي مان وائڙي ٿي ويس. روميءَ ۾ خوب تهذيب اَچي ويئي هئي. منهنجي خوب شيوا ڪرڻ لڳي، گهر جي هر ڪم ۾ دل لڳائي، اُن کي سنو اَنجام ڏيڻ لڳي.... ۽ اِهو سڀ ڏسي.... مون به نڪي ڪيو، ته.... مان به سنڌي سکندس.

سنيل : پوءِ ڇا ڪيوَ آنٽي؟

ڪملا : اِها ڳالهه ٻڌي ته، تنهنجو اَنڪل به ڏاڍو خوش ٿيو.

رومي : ۽ ها، اَسان مميءَ جو نالو ڪرسٽينا مان ڦيري ڪملا رکيوسين.

ڪملا : بابا به مون تي ڏاڍو خوش ٿيا. اَسان بابا کي آمريڪا گهرايوسين، بابا مونکي به سنڌي سيکاري ۽ شاهه صاحب جا خوب ڪلام پڻ ٻڌايا....

سنيل : شاهه صاحب! هوُ اِز دِس شاهه صاحب؟

رومي : شاهه صاحب جو پورو نالو آهي، **شاهه عبداللطيف ڀٽائي**. هي هڪ اعليٰ شاعر، مهان ڪوي-سنت ٿي گذريو آهي.

سنيل : پر سنڌي سکڻ ۾ رکيو ئي ڇا آهي؟

(ايتري ۾ شياملعل اَندر اَچي ٿو)

شيام : مان تو ٻڌايان اِها ڳالهه....

سنيل : او.... شيام اَنڪل! هيلو اَنڪل.... هائو آر يوُ؟

شيام : پٽ سنيل! ٻڌ ڳالهه.... رويندر ناٿ ٺاڪور چيو آهي،

”اُڌارو ورتل ڪوٽ ۽ اُڌاري ٻولي گهڻو وقت ساٿ نه ڏيندا آهن. جيئن پرائو ڪوٽ توهان کي هڪ ڏينهن موٽائي ڏيڻو آهي، تيئن ئي پرائي ٻولي به موٽائي ڏيڻي آهي.“

مکي : ها پٽ! شيام صحيح ٿو چوي. ورهاڱي ڪانپوءِ اَسين هندستان ۾ لڏي آياسين، اُن وقت جيڪو جنهن راڄ ۾ رهيو، اُهو اُتان جي ٻولي سکيو. پر ان جو مطلب پنهنجي ٻوليءَ کي تياڳي ڇڏڻ ته نه آهي نه؟

شيام : اَڄ جنهن ڀاشا کي تون ڪراهت سان ڏسين ٿو، نندي هوندي تون اِن ۾ ئي پنهنجي ماءُ ڪان لولي ٻڌي آهي ۽ اِن ٻوليءَ ۾ ئي ته تو تعليم حاصل ڪئي آهي، ۽ اَڄ.... اَڄ توکي سنڌي ڳالهائيندي، پاڻ کي سنڌي سڏائيندي لڄ ٿي اَچي؟!

مکي : سنيل! توکان ته سنو شيام آهي، جو ايترا سال آمريڪا ۾ رهي به پنهنجي ٻوليءَ کي نه وساريو اَٿس ۽ مٿان پنهنجن ٻارن کي به سنڌي سيکاري اَٿائين.

رومي : بابا! مون نڪي ڪيو آهي، ته توهان جي ۽ بابا جي شروع ڪيل لئبريءَ مان سڀ سنڌي ڪتاب ڪٺي ويندس ۽ پنهنجي شهر وڃي لئبرري هلائيندس، ”سنڌو لئبرري.“

مکي : واهه! پٽ واهه! اَڄوڪي زماني ۾ به ڪي ته آهن، جيڪي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ سان، نه صرف پيار ڪن ٿا پر پاڻ به اَپنائن ٿا ۽ ٻين کي پڻ اُتساهه ڏيارن ٿا. سنسڪرتيءَ جو هيڏو وڏو خزانو اَسان وٽ آهي ۽ پوءِ به اَسين ڌاري ٻولي ۽ تهذيب ٿا اَپنائڻ چاهيون!

سنيل : بابا! مونکي معاف ڪيو. (ٿڌي نوع ۾) مان پڪتجي ويو هوس. مان نه صرف وڏيڪ پئسي ڪمائڻ ۽ عيش عشرت واري زندگيءَ جي لالچ ۾ اَنڌو ٿي ويو هوس ۽ بس- ڏينهن رات آمريڪا جا پيو سپنا ڏسندو هوس.

شيام : بابا! لڳي ٿو هاڻ سنيل کي برابر هوش آيو آهي!

مکي : ”صبح جو ڀليل، سانجهيءَ جو گهر موٽي اَچي ته اُن کي ڀُليل ڪونه چئبو آهي.“

رومي : بابا! بلڪل صحيح ڳالهه ڪئي اَٿوَ.

مکي : اَڃا به ڪا دير نه ٿي آهي. شري ليلارام، سنڌيت جو هيڏو وڏو خزانو ڇڏي ويو آهي، اُن مان توهان ڄاڻ حاصل ڪري وٺو. مان ته هاڻ ٻڍو ٿي چڪو آهيان....

ڪملا : (ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي) بابا اِئين چو پيا چئو.توهان وڏن جو هٿ آهي اَسان مٿان، تڏهن ئي ته اَسان سڀ ڪارج ڪري سگهون ٿا.

مکي : پٽ! هاڻ توهان جي پيڙهيءَ کي ئي هن سنسڪرتيءَ کي اَڳتي وڌائڻو آهي، ۽ پنهنجن ٻارن ۾ اِن جو گيان پرڙو آهي- تهذيب سيکارڻي آهي، سنڌيت کي زندهه رکڻو آهي. ڪيئن....؟

رومي ۽ سنيل : (گڏجي) ها بابا! اَسان ضرور سنڌيت کي اَڳتي وڌائينداسين.

مکي : (رڙ ڪندي) مولا.... اَڙي او مولا....

مولو : (اَندران ئي رڙ ڪندي) مري ويو مولو....

مکي : ڇا چيئه؟....

(سڀ ٽهڪ ڏين ٿا ۽ پڙدو ڪري ٿو)